

# پوپٽ پڪڙيندي

(ڪوتائون)

موهن گيهاڻي

Popat Pakdeende – Poems

by Mohan Gehani

August, 1993

Copy Rights With Poet
P. O. Box 106,
Dubai ( U. A. E. )

Cover Design:
Ghanshyam Sagar

Published by:
Kavita Sahit Mala,
Kavita Bhavan, Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345

Printed by:
Kavita Printlng Press,
Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345

Price: Rs 30/-

رات ننڊ سٺي آئي
پنهنجي قاتل رليءَ ٿي
سهڻن خوابن جون
چٽيون لڳائي
پاڻ ويڙهي
سمهي رهيس
البت اسر جو
جاڳڻ وقت
ننڊ ۽ جاڳ جي وچ واٽيءَ ۾
خوب پوائتا سپنا هئا.

(ڪوتا ٤٠)

حالانڪ لفظ رومانوي آهن (خوابن جون چٽيون) پر ڏينهن شروع ٿيڻ تي جيڪو عقوبتي وقت گذارڻو آهي تنهنجي سچائي اُن رومان کي ٽوڙي ٿي ڇڏي ۽ ڪويءَ کي زمين تي ئي ٽڪائي رکي ٿي. اِها موهن جي ڪوتائن جي خوبي آهي. هو لڙلڙي رومان کان پري آهي. هنجون پاڙون زمين ۾ آهن. آسمان هن لاءِ دور جي چيز آهي.

موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتائن ۾ تصوير ڪشي ڏسي اِها ڳالهه عجب تي ڏياري ته هي شخص هيترا سال پنهنجو ڪوي من دٻائي/لڪائي ڪئن رکي سگهيو. موهن کي جيڪي شخص سڃاڻن سي هنکي مفڪر طور مڃيندا، جو صرف گنڀير (۽ خشڪ) سوچ جا ٽڪرا پيش ڪرڻ جو عادي آهي، جنهن جو رواجي ڳالهه ڪندي به چهرو گنڀير ۽ سخت هوندو آهي. پر هنجي تصويرڪشيءَ جي نزاڪت ڪنهن حساس ڪويءَ جو زوردار احساس ٿي ڪرائي (ڪوتائون- ٩، ١٢، ٣٦، ٤٣، ٧١، ٧٣، وغيره). اهڙي حاليءَ جو هڪ مثال ڏسي سگهجي ٿو:

اَمان مان توکي پڌايان تہ آسمان
جا تارا ڪيئن ٿيا ؟
توکي ياد آهي تہ تنهن ڏينهن تو
ٻلوءَ کي ڦيٿو پٽي ڏنو
هن ڦيٿو ڪڍي ڪيو ”ڦوُ...“
۽ تنهنجو منهن کير جي ڇنڊن سان ڀرجي ويو.
(ڪوتا - ٧٣)

نہ صرف تصويرڪشي، پر موهن جي ڪوتائن ۾ جماليت جا بہ کي اڇوتا مثال آهن جئين:

چانڊاڻ
هڪ قدم اندر آيل شخص کي
ٻاهر ڪري ڇڏي
۽ ٻاهرئين کي اندر ڪري ڇڏي
تون
دل جي چانڊاڻ مٿان
جهولو پڌي
جهولندو رهين
مونکي ڪل ئي نہ رهي
تون اندر آهين يا ٻاهر!

’تضاد‘، ڪوين لاءِ اظهار جو پيارو نمونو رهيو آهي. پر اهو نمونو ايترو تہ پڪڙو ويو آهي جو خود غزل ۾، جنهن ۾ اهو اڪثر اپنايو ويندو هو، سڄاڳ شاعر اُن کان پاسو ڪرڻ لڳا آهن. موهن گيهاڻيءَ بہ ڪوتا ۾ اثر اُپارڻ لاءِ ’تضاد‘ کان پاسو ڪيو آهي پر، جتي هن ’تضاد‘ کان ڪم ورتو آهي اُتي اهو، غير روايتي صورت ۾ آيو آهي جئين:

تو ڳالهه پئي ڪئي آهي
وقت جي واريءَ تي
قدمن جا نشان ڇڏڻ جي
پر مان
ڏاڪڻين ۽ سنهي برف تي
هلندڙ
واريءَ جو تصور ڪيئن ٿو ڪري سگهان.
(ڪوتا ٣٦)

سنڌيت جي جذبي واريون ۽ بارن تي لکيل، موهن جون ڪوتائون ڪافي ڌيان ڇڪائين ٿيون. خاص ڪري آخرين ڪوتا (ڪوتا ٧٦).

"پوپٽ پڪڙيندي" ۾ سچ پچ پوپٽ پڪڙيندي، پوپٽن جي پرن مان آڱرين تي لهي آيل رنگن جون ڪوتائون آهن. ۽ موهن جا صرفي وارا لفظ اُنهن رنگن کي ڪوتائي صورت ڏيندي پنهنجي معنيٰ کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ چون ٿا.

- واسديو موهي

١

مون سواسن ۾
مس اولي چڙي آهي
ڪڙڪٻيٽي جي روشني
ڏسڻ لاءِ
اوندهه جو هجڻ لازمي آهي.

٢

مان
ٻڇل جو گروي وڪيل چنگ
ڇڏائڻ آهو آهيان
مان ڏياچ آهيان
وري ڪڏڻ ڪپائڻ آهو آهيان.

# ٣

ميرو
گدلو
ڪمزور
پيلو
ٻار
چڙهن
ڦاٽل چادر جي
ٽنگ مان
جهاتي پائي
ماءُ کي چوي ٿو.
"هاءِ"
ته ماءُ جي ڇهري ٿي
انڌلت پڪڙجي ٿي وڃي

۴

وقت جي وسامڻ کان اڳ،
شمع تيز ٿي وڃدي آهي.
اوچتو،
هڪ وقت
هيٺرن سڌي ڪٽان جو
مهورت ڏسندي
ازخود ڏٺي ء در
دعا لاءِ
هٿ کڄي ٿا وڃن

۵

چانڊڻ

هڪ قدم اندر آيل شخص کي
ٻاهر ڪري ڇڏي
۽ ٻاهرئين کي اندر ڪري ڇڏي
تون
دل جي چانڊڻ مٿان
جهولو ٻڌي
جهولندو رهين
مونکي ڪل ئي نه رهي
تون اندر آهين يا ٻاهر!

## ٦

دريءَ ٻاھران
ٻاري ٿي
آڌ ان ۾ سنڌين شيخن جو
لنبو ٻاچو ڏسي
جڏهن
گلن جي قيد هيٺ جو انڌارو ٻاسيو
دل ۾ سدائين چانڊوڪي وڌو
آسمان ۾
هڪ ٻئي کي اڏامندو ڏٺم
جڏهن اندر ڪنيل ساهه
ٻاهر نڪتو.

٧

ٻاهان مٿان
ڪمان جيان ٽاڪيل
آسمان
واريءَ تي ڪڏهن
اڏامندڙ هڪيءَ جو ٻاچو
جڻ ڪويءَ جي چپٽڙا ۾
لفظن جي ڳولها ۾
ڪو ٻاڙُ!

٨

ڪنهن قصي ۾ پڙهيو هوم
هڪ شخص پکين جي ٻولي سکيو
سڀ ڪجهه وڃائي
پنهنجي ملڪ اُسهيو
رستي تي
گهاٽي جهنگل ۾
وڻ هيٺان آرامي ٿيو.
پکين جي ٻولي ٻڌي
ڪيس
هيرن جواهرن جي
ٻوڙيل ڊٻي جو پتو مليو،
۽ تون پنهنجي ئي ٻولي وساري رهيو آهين!

٩

شام ويلي
ٻٻليءَ جي ٽار تي
ٻکي ويٺا آهن
ڄڻ ڪڏهن ليڪ تي
ڪوٽا جا ڪي اکر.

## ١٠

انسان جي قيدخاني مان
ڪردار آزاد ٿي ٻاهر نڪتا
منهنجي ڇوڪريءَ تان ڪيترائي مثل لفظ ڇڏي ڀاتون
لفظ جي انهن ڪردارن وٽ
سواسن جيان قيد هئا
سي هاڻ آزاد ٿيا.
صدين جي هڙتالين ۽ ڪشدرن جي دٻاو هيٺ
منجهيل/ٻوساٽيل لفظن مان
معناؤن هاڻ آزاد ٿيون
هاڻي ڪو انقلاب ايندو.

## ١١

سوالن جي سلسلي مان
لڪائي
الڳ رکيل
هڪ ٻل ساهه
تنهنجي امانت ڪري
سنڀالي رکيو آهم
تنهنڪري
انتظار آ تنهنجي اچڻ جو صرف
هوائن ٻورن جي ڪُن اندر
گهٽو اڳ
غرق ٿي وڃان ها
شايد.

## ١٢

سنجها واري
شهر جي ڇتين تي
اڏنڊيڙا ڏون
جو
گذري وئل ڏينهن لاءِ
اشانيون
ڪي سوال ۽ ڪي عجب جون!

۱۳

سج کي هر صبوح
ست گهوڙا
انڌڪار مان ٻاهر ڪڍي ايندا آهن
۽ مان انهن کي هر روز
روڪڻ جي ڪوشش آهيان -
”اڌما“

## ۱۴

ڏسو منهنجي هن گهر ۾
۱۴ ڪمرا آهن
سجائڻ لئي ليڪن خرچ ٿيو آهي
۵ ايڪڙ باغ آهي
سوئمنگ پول آهي
منهنجي ڌيءَ
سمنڊ جي بيچ آهي
ٻر مان اهو صرف مهمانن کي
ڏيکارڻ لاءِ ايندو آهيان
هونئن موڪلي وقت ڪٽي آهي
مان ٽورسٽ گائيڊ وانگر آهيان
۽ هيءَ آهي چوڻ هڪ آسان.

## ۱۵

منهنجي رڳدا جي چوٽي
سڃت
۽
ڪڙ ڪڙ آهي
جبل جي چوٽيءَ جيان
ڪيترا پاو
پٿر جيان جهڙي وڏا آهن
۽ انتظار آهي
ڪڏهن اهليا وانگر
جاڳي پوندا
ڪڏهن ڇهاو سان.

## ١٦

سج چڙهندي ئي
هاوائل جو ڏاري
ڏيٺهن کنگال جيان
در ئي اوڏر وٽڻ لاء اچي ٿو اٿهي
مان ئڻ ڪُٿي ڇکو آهيان
اهو ڄاڻندي ئڻ
کوئي سگهي جيان
گسي وئل پنهنجو وجود
کيس اوڏر طور ڏيان ٿو
ڌ يل داو ئي لڳائي
ان اميد ئي ڌ من
کڏهن کو وارو وري
ٿو ئي ڏيٺهن وري
سج چڙهندي ئي ڏيٺهن
کڏهن کنگال هاوائل جو ڏاري جيان
منهنجي در ئي اچي ٿو اٿهي

### ١٧

سڄي رات مون ڪوتا ڀئي لڳي آهي
صبوح جو ڪل پيئي
جنهن کي پنو سمجهيم
اها ته ڪاري رات هئي
منهنجي ذهن جي ڪنهن انڌيري غفا مان
اها رات نڪتي هئي
خوب خواب ڏيکاريائين
مان خوابن جو عادي ٿي
هر رات ڪوتا جوڙيندو آهيان
هاڻي مان سج جي روشنيءَ کان به ڊڄان ٿو
خوابن ڏسڻ لاءِ انڌڪار ضروري آهي
مون اونداهو ڪنڊ هر وڃي وسايو آهي.

١٨

مون پنهنجي آئيني تي
ڪي خوش خياليون
چنبڙائي ڇڏيون آهن
صبح جو ڪجهه وقت
سنو پاس ٿي ويندو آهي.
ڊرائنگ روم ۾
بوٽا رکي ڇڏيا اٿم
گل اصل اهڙا جو ڀنور پڻ
ڀنڀلجيو وڃن.
ڪجهه وقت سنو پاس ٿي ويندو آهي.
پنهنجي بينڪ ۾ اهڙيون بتيون لڳايون اٿم
جو چاهيان ته چانڊوڪي
يا تارن جي رات جو مزو ماڻيان
ڪجهه وقت سنو پاس ٿي ويندو آهي
پر
باقي وقت؟

اڄ پڻ منهنجي گهٽيءَ ۾
شام جو
ٻـار
نڪرين ۽ ٻال راند ڪندي،
ٽهڪڙا ڦهلائيندي
هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙندا نظر ايندا آهن
ٻلڊنگ جي ڇت تي
ڪوئلي مان اسٽمپس (III) نشان ٺاهي
ڪرڪيٽ ڪندي
زور زور سان آواز ڪندي
پنهنجي دنيا ۾ مڳو لڳندا آهن
ٺينگريون
پوپٽن جيان ملبوس
ٻلڊنگ جي آهستي
پرڪرما ڏينديون ڏسبيون آهن
ڪي ڇالون
ٽانڪيءَ جي ٿلهي تي ويهي

هت هُت جون ڳالهيون ڪنديءَ،
وقت پاس ڪرڻ ۾ مشغول لڳنديون آهن.
ڪڏهن ڪنهن بالڪنيءَ ۾
ڪا نينگر
ور ور ڪري
ڪجهه رکي وري ڪڍڻ
۽ وري رکڻ ايندي آهي
۽ ڪو ڪانيڄي جوان
پڙهڻ جو ڏيک لاهڻ لاءِ
اکيون ٿڌيون ڪرڻ لاءِ
بالڪنيءَ ۾ اُي چهل قدمي ڪندو
نظر ايندو آهي
ڪڏهن ڪٿان زور سان ڪنهن گيت جو آواز،
در ۽ درين جي پڙدن مان
هوا جي جهونڪي جيان
ٻاهر ايندو معلوم ٿيندو آهي.
۽
تون چئين ٿو دنيا ٻڌاجي وئي آهي!

٣٠

منهنجو موسيقار دوست
سمجهائي رهيو هو
شڌ ۽ ڪومل سر ملائي
ٻارهان آواز ٿيندا آهن
انسان صرف اهي ١٢ آواز
ڪڍي سگهندو آهي
سڄي لرزش انهن ١٢ سرن ۾
سمايل آهي
من ۾ هڪ خيال اٿيو
'ڪراچي' لفظ ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان
روح ۾ جيڪا لرزش ٿئي ٿي
اها ته هر سر کان نرالي آهي.

## ٢١

هڪ ٻار
رستي هلندي
فٽ پاٿ تي اوچتو ٻيهجي ويو
شو ونڊو ۾ ٽي وي رکي هئي
۽ مٿان لڳل ڪئميرا
ٽي وي ۾ پنهنجي شڪل سڃاڻي
بي اعتباري
عجب ۽ خوشيءَ وچان
پاڻ کي تڪيندو رهيو
تڪيندو رهيو ... غلطان!

٢٢

مڪڻڪ بولت ڏسي چيو
”هاٽي هن ٽي نت نه چڙهندو.
ڪنهن غلط وراڪو ڏيئي
چوڙيون خراب ڪري ڇڏيون آهن.“
مونکي لڳو
ڪو جوتشي منهنجو هٿ ڏسي
منهنجي قسمت بابت
اڳڪٿي ڪري رهيو آهي.

## ٢٣

ڪجهه سمجهي نٿو
سُت منجهيو پيو آهي
من ۾ ٻوست آهي
ڪنهن چيو
”ڪلپنا جي زور تي
ست جي ڌاڳن کي
رنگين بڻائي ڇڏ
۽ زندگي جيئڻ لائق بڻجي پوندي.“

## ٢٤

روز پنهنجي شڪل
آئيني ۾ ڏسندو آهيان
خبر اٿم
آئينو پڇندو ڪونهي.
مان مرڪندو رهندو آهيان.
اڄ ڪٿي پنهنجي شڪل
Concave[2] ۽ Convex[1] آئيني ۾ ڏسي
پهريون دفعو احساس ٿيو
دنيا مونکي ڪيئن ٿي ڏسي
۽ مرڪ چهري تان
غائب ٿي ويئي آهي.

1- Concave = ڏکو
2- Convex = اڀرو

چپ
جيڪي مرڪن ٿا
ته باغ ۾
سڀني رنگن جا گل ٽڙي ٿا پون.
۽ خواب پکين جيان
کليل آڪاش ۾ پرواز ڪرڻ لڳن ٿا.
چپ
جڏهن پٽڪن ۾
پيار جو اظهار ڪن ٿا
ته سڄي ڪائنات
جڻ تنبوري جي تنوار تي
رقص ڪرڻ شروع ٿي ڪري.
۽ ستارا
گهنگهرو ٻڌي نچڻ شروع ڪن ٿا.
چپ
جڏهن ڪنهن جا هٿ چمن ٿا
ته اها گهڙي
ارمان ۽ مڪان جا بندن ٽوڙي
هڪ امر ڪلاڪرتي ٿي بڻجي پوي.
چپ
جڏهن ڪنهن ٻار کي چمن ٿا

نہ اهو منظر
ممتا جو نچوڙ بڻجي
دنيا جي سڀني شراپن کان وڌيڪ
مدهوشيءَ جو عالم پيدا ٿو ڪري
چپ
چنڊ هن پريتم جي چپن سان گڏجن ٿا
نہ دل جي دڙڪن
پوپٽن جيان ڦڙ ڦڙ ڪري
سڄي ڪائنات ۾
سر تال ملائي ٿي.
نديون گن گنائن ٿيون
پهاڙ جهومن ٿا.
سمنڊ تال ملائين ٿا.
۽ اعلان ڪن ٿا
انوکي خوشيءَ جو.
چپ
سقراط جيان
زهر کي امرت بڻائي ٿا چڏين
اُهي چپ
تون غصي ۽ نفرت ۾ نہ پڪوڙ
منهنجا دوست!

# ٢٦

هي ٻاجهه جا ڌڻي!
تون ڪيترو نه ٻاجهارو آهين!
مان تنهنجي در تي آسائتو آهيان
وشواس اٿم ته منهنجا گناهه
وري هڪوار
تون ضرور بخشيندين
۽ مان
ترت ئي
سرڳ، تنهنجي چانئٺ تي آڻي ڇڏيندس.
ندين جو رخ
تو لاءِ بدلائي ڇڏيندس.
ٻارهو ئي تو لاءِ ڏياري ڪندس.
تنهنجي حفاظت لاءِ
ملٽري ميسر ڪندس.
توکي سڄي راڄ جو مالڪ بڻائيندس.
توکي هر درد کان آجو ڪندس
اهو منهنجو 'واعدو' آهي
* مٽڪو توسان
تون صرف مونکي پنهنجو ووٽ ڏي.
۽ مان منتري بڻجان.
۽ پوءِ تون 'تماشا' ڏس.

* واسديو موهي جي ڪوتا 'مٽڪو'
سلسلي جي ڪردار کي کٽي اڪهل ڪوتا.

## ۲۷

مان ڪو ٿو سڪو آهيان
ڄاڻان ٿو تہ تون ڄاڻين ٿو
تون پڻ ڪو ٿو سڪو آهين.
ٿوڪي سڌ آهي تہ مان ڄاڻان ٿو
ٻئي اڻ ڄاڻ ٻڌجي
پاڻ ڪي
هڪ ٻئي ڪي
خريد ڪرڻ لاءِ آچيون ٿا
اهو ئي پارٽيءَ (محفل)
جي وارتالاپ جو
مرم آهي.

## ٢٨

ايذائيندڙ
ٽٽل شيشن تي
چڀندڙ ڪنڊن تي
ساڙيندڙ
ٽانڊن تي
هلڻ سولو آهي.
پر
بي ضرر
پاڻيءَ تي ... ... ؟

## ٢٩

خالي پنو
۽ ذهن ۾
ڪي ليڪون
جڻ
نئين ڄاول ٻار جي
هٿ جون ريکائون!

## ٣٠

مون صبوح جو
سج کي
ڳتڙا ڳتڙا ڪري
اڇلائي ڇڏيو.
مون پاڻ کي محفوظ ڀانيو
سوچيم
وقت ڪٽجي ويو.
ٻئي ڏينهن وري صبوح جو
سج مشڪيو.
”انهن ڳتڙن ۾ تنهنجو وجود آهي نه هو“

## ٣١

منهنجي زبان ڪٽي
مونکي
وچ بازار ۾ ٽنڍي سان ڇڏي ڪنهن ڏنو ويو.
انڌن ۽ ٻوڙن جي شهر ۾
پوءِ پڻ آس اٿم
ته زبان وري ڇرندي
۽ ٻوڙا آخر ٻڌندا.

## ٣٢

دوست!
اڄ تاريڪ رات
۽ دلسوز قصن جون
ڳالهيون نہ ڪر
اڄ من جي اونداهين غفائن
۽ ذهن ۾
روڳ سان پريل
گهٽين جو سفر نہ ڪراءِ.
اڄ مون معصوم ٻارن جا
اڇوتا ٽهڪڙا ٻڌا آهن.
۽ انهن ۾
روشنين جا
ڦوهارا ڦسيا آهن.

٣٣

سڀ سُر
سڀ آواز
هڪ ئي منزل ڏانهن
ويندا آهن
خاموشي

۳۴

جمڙ شرط ئي
مـؤت
منهنجو همٿ
جهڙي ورتو ۽
همسفر بڻيو
تون ڪهڙي امرتا جي
ڳالهه ڪري رهيو آهين ؟

## ٣٥

خدا جا بندا
مان توکان ئي ڪٽي ٿو
گناهن جي معافي وٺان۔
خدا وٽ محشر ڏينهن
وڏي قطار هوندي
نه ڄاڻ ڪيترو انتظار ڪرڻو پوي۔
مان هن دنيا ۾ وري
جلد اچڻ ٿو چاهيان۔

## ٣٦

تو ڳالهه پئي ڪئي آهي
وقت جي واريءَ تي
قدمن جا نشان ڇڏڻ جي
پر مان
ٽاڪئين ۾ سنهي برف تي
هلندڙ
واريءَ جو تصور ڪيئن تو ڪري سگهان ؟

ايام ٿيا
جڏهن ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي
تو ٻون کي سوکڙي ڏني
چيئه
” هن صندوق ۾ هڪ به ڪوڪو ڪونهي.
پوءِ به سڀ ڳنڍيون مضبوط آهن. “
مون پڻ فيصلو ڪيو
تنهنجي منهنجي رشتي ۾
ڪو به ڪوڪو ڪونه ايندو.
سوکڙي ساهه سان سانڍي رکيم.
زندگيءَ جون قيمتي سوغاتون،
ان ۾ ئي پئي رکيم.
اڄ شام ويلي
جڏهن
اها صندوق کولي اٿم ته ان ۾
ڏٺا اٿم
’چار ڪوڪا.‘

## ٣٨

مان ڪجهه ڳولهيندو ئي رهيس
۽ منزل کان دور ٿيندو پئي ويس
اڄ هڪ هنڌ ويٺو آهيان
بنا سبب پاڻ کي خوش پيو محسوس ڪريان
دل ٿي چوي ته
سواسن ۾ سرگم پوئي ڇڏيان.
۽ ان جهولي تي جهولندو رهان
البت من جي ڪنهن ڪنڊ ۾
ان پينگهه مان ڪرڻ جو ڊپ پڻ اٿم.

رهيو نه انهن وٽ هو
جڏهن سڀ ڪمزور ٿي
راس جا ڪمانڊو سپاهي
ملس وار ڪري
کيس
ختم ڪندا
۽ زخمي ٿيڻ جي حالت ۾
کيس گهلي
پاتار جي ڪنهن اونداهي غفا ۾
جڪڙي رکندا
وري سڀ
ڪڏهن به نڪري نه سگهندو.
ٿيو سڀ رٿا مرجب ئي.
صرف هڪ ڪرڙو
پاڻ ڇڏائي
ڪجهه وقت لاءِ.
جلاوطن ٿي ويو.
۽ هاڻي
اهو ئي ڪرڙو
سڄي راس
جدوجهد ڪري
روز صبوح جو
سڀ کي آزاد ڪري
روشنيءَ ۾ آڻي
نهاريندو آهي.

۴۰

رات ننڊ سٺي آئي
پنهنجي ڦاٽل رليءَ تي
سهڻن خوابن جو ن
چنبيون لڳائي
پاڻ ويڙهي
سمهي رهيس
البت اسر جو
جاڳڻ وقت
ننڊ ۽ جاڳ جي وچوليءَ ۾
خوب پوائنڊا سپنا هئا.

٤١

روز صبوح
ساهہ جهليو بيٺو هجان
ڪو رواور* جو گهوڙو ڏٻائي
اڄ پڻ ڀڄي وئين.
۽ ساهہ وري ڪڻڻ شروع ٿئي.
پر مان رشين روايت سامهون
ڪيترو وقت ڀڄندس ؟

* ڪنهن جي سر تي رکي
هلايل أهو رواور
جنهن ۾ هڪ گولي پريل آهي يعني جنهن جا
ٻيا ڇهہ خالي آهن.

۴۲

مان گهڙيال کي ڇٻاڙي
ڳيهي ته ويو آهيان
پر هضم ڪرڻ لاءِ
سج کي ڦڪٽو پوندو

۴۳

واريءَ جي چادر سان ويڙهيل
گرم ٻپهري
رستا هلي هلي ٿڪا آهن.
ڏمپ پوست جي ڇانوَ ۾
ڪٿي ڪٿي
آرامي آهن.
پهريدار سڀ ڄڻ
ڪانو وانگر
هڪ طرف اک ڪري
ساهي پٽي رهيو آهي
ننڍاڪڙو ڏينهن
اڪيلو
ڪن عمارتن جي گنبذن جي
ويساڪين تي
آهستي آهستي هلي رهيو آهي.

'ڏني ڏينهن ٿيام، ڪوهه چاڙهان ڪهڙا پرين'
— شاهه

خلا مان
ڌرتيءَ ڏانهن ايندڙ
Space Ship کي
ٽرشنڪوءَ چيو
"مون کي پڻ پاڻ سان واپس
ڌرتيءَ تي وٺي هل نه.
ٻڌو اٿم تمام سهڻي ۽ ٻهڪي آهي."

۴۵

سج جي ڪني نڪرندي ئي
مان پنهنجو وجود
ڪنهن ٿنڀي تي
جهنڊي وانگر لهرائي ٿو ڇڏيان
۽ سلامي ٿو ڏيان
شام جو أهو جهنڊو لاهي
ڪفن جيان پائي
رات جي عرصي لاءِ
مري ٿو وڃان!

### ٤٦

طوفان بہ نہ ھو
ندي پڻ ماٺيڻي ھئي
دلو پڻ پڪو ھو.
سندس پڪارن جو جواب
ميهر وٽان
جبل جيڏي خاموشي!
ٽڪرائي
وچ سير ۾ ورتي
سهڻي ٻڏي ويئي.

## ۴۷

ننڍي هوندي ڇوڏول تي ويٺو هو.

مزو ايندو هو.

ڇوڏول مٿي

واهه !

ڇاتي ڦوڪجي وڃي.

هيٺ

پيٽ ۾ ڪتڪتائي

ڪڏهن

ڇت ڇماهيءَ

هڪ ڇڪر وڏيڪ ملي وڃي

ڄڻ لاٽري لڳي.

۴۸

" لکين پيو ؟
پاڻي پيو ولوڙين. "
هـا
خبر اٿم
رتن ۽ امرت نہ
زهر نہ ضرور نڪرندو.

## ۴۹

ڪاسائن جي مارڪيٽ ۾
دڪان کوليو اٿم
گل وڪڻندو آهيان.

٥٠

ڀارت ۾ سنڌي ادب جو حال
لفظ ائين جيئن Squash Court ۾ بال

Spuash راند ۾-
رانديگر ڀگهر ڳارڙ ڪاٺ بال ڀت طرف رڱيت سان ڦٽو ڪندو آهي ۽ بال زور سان ڀت کان واپس ايندو آهي ۽ سلسلو جاري رهندو آهي.

## ٥١

جاميٽريءَ جون شڪليون
گول، اڌ گول
مستطيل، چؤڪنڊا،
ٽڪنڊا
ليڪون
سڌيون ۽ آڏيون
مون ساز جيان سجائي رکيون آهن
تنهنجي چمڪي سان سڀ سر
تو سان گڏ جاڳي پوندا
او- موهن جي دڙي جي نرتڪي!

## ٥٣

ننڍي هوندي راند ڪبي هئي
ڏاڪڻين ۽ نانگن واري.
هڪ نانگ، ٩٨ تي کائي ته
سڌو وڃي ١٣ کي رسي
۽ وري ٽپڪڻ شروع ڪر!

پر هن شهر ۾
رانديگرن
ڏاڪڻيون لڪائي ڇڏيون آهن
۽ نانگن کي پالي ڇڏي ۾ بند ڪيو اٿائون
پنهنجي سهوليت سان راند ڪن ٿا ۽
موقعو پائي نانگ، ڪڍن ٿا.
نانگن کان پهو ڪڍڪهان
پر راند بهو شوق ابهان الم!

٥٣

منجھند جھڙالي ۽ ٿڌي
منجھند جيڪا شام جو ماحول پيدا ڪري رهي آهي.
ڪيتري وقت کان سج نہ نڪتو آهي
اوچتو
ڪنهن پردي کي چيرڻ جي ڪوشش ڪندي
جھيڻو سج ليئا پائڻ جي ڪري رهيو هجي.
سج.
اڄ ڪنهن مسڪين / بيوس شخص جي غصي جيان
بيسود / نامرد
رجھي رهيو آهي.

## ٥٤

گان کي الڳ الڳ مهڪ ڇو آهي؟
الڳ الڳ رنگ ڇو آهن؟
پکين جون لاتيون الڳ الڳ ڇو آهن؟
سندن سر ايترا مٺا ڇو آهن؟
ندي وقت جي وهڪري وانگر نت نئين ڇو آهي؟
شفق تي هر شام نت نوان چٽ ڇو ٿا چٽجن؟
اهو سڀ سمجهڻ لاءِ ڪيترو نه وقت کپي؟
زندگي ايتري مختصر
ڪيڏو نه وڏو ڀل!

امان جيل ڇا ٿيندو آهي ؟
اسان جيل ۾ رهيل آهيون نه !
ماسي چوي ٿي جيل کان ٻاهر هڪ وڏي دنيا آهي.
مون جڏهن ماسيءَ کان پڇيو ته
هيءُ ٻاهران سدائين ڪهڙن ڊوئڙ جو آواز ٿو اچي
هوءَ چوي ٿي ته اهو سمنڊ جو آواز آهي
جو زمين تي لهرون اچي ٿيون ڪن
امان زمين ايتري ميري آهي جو پاڻيءَ سان
سدائين ڌوئڻ جي ضرورت پوي.
وري ڪڏهن اهڙو آواز ايندو آهي
جيئن منهنجي ڏنگائيءَ تي تون غصو ڪندي آهين
۽ چماٽون هڻندي آهين
ماسي چويٿي اهو آواز پڻ لهرن ۽ هوائن جو آهي
امان ڌرتي پڻ اڙٻنگائي ۽ ضد ڪندي آهي ؟
مان جڏهن وڏو ٿيندس ۽ جيل مان نڪرندس
ته هن ڌرتيءَ کي سمجهائيندس ته اجايو ضد نه ڪري.
ڏنگائي نه ڪري ۽ اجايو سڄايو مار نه کائي.
۽ ايتري ميري به نه ٿئي.
مان وڏو ڪڏهن ٿيندس. ٻاهر ڪڏهن نڪرندس.

(جيل ۾ ڳالهين سان گڏ انهن جا ٻار پڻ قيد هوندا آهن.
اهڙي هڪ ٻار کي ڪٿي لکيل-
جيل سمنڊ جي ڪناري تصور ڪيو ويو آهي.)

## ٥٦

هڪ گهاٽي جهنگ ۾
ڪنهن وڻ هيٺان
هڪ تپسوي تپسيا ڪندي
جڻ وڻ جو حصو بڻجي پيو!
جڏهن اک کليس ته سوچيائين
ڪيڏا سال نه تپسيا ڪئي اٿم!
ڪيترين سڌين حاصل ڪيون اٿم
وڻ چيس پر توکي گل ٽوريئي ٽا ڪرن.
توکي پکي ٽوريئي ٽا وهن!!

٥٧

شبريءَ مٿا ٻير ته رام کي کارائي ڇڏيا
ڪٿا ڏؤ ڪري ڦٽا ڪيا.
انهن ڪٽن ٻيرن جو فصل
مان سڄي عمر لڻي رهيو آهيان.
مونکي گدڙ جيتري آزادي / همت ڏوريئي آهي.
جو ڪٿا ڏؤ ڪري سگهان!

## ۵۸

سامي ۽ کان مان ڇا سکان
هن مايا جو موه يا تياڳ، ؟
ڳهيلا !
ٻهرين پاڻ نہ ڏي
ماڻ نہ ڏي.
پنهنجو ڪرڻ نہ ڏي.
تياڳ، هي ڳالهہ نہ تمام ٻري آهي.

## ٥٩

مونکي آخر ڏيوالو ڪڍڻو ئي پيو
اچانڪ مون پنهنجي جھوليءَ خالي ڏٺي
سڀ لفظ غائب هئا.
ڪڏهن ويا، ڪٿي ويا
ڪل ڪونه پيم.
رشتن کان
ناتن کان
جيڪي مون احساس ورتا هئا
اهي لفظن بنا موٽائي ڪيئن ڏيندس؟
ڪيسي ۾ ريزگاريءَ جيان
جيڪي لفظ رهجي ويا آهن،
اهي گسي ويا آهن.
ڪين ڪابه معنيٰ نه آهي،
صرف وجن ٿا.

## ٦٠

پکيءَ جو اڏامڻ

ءِ اڏامي نہ سگهڻ جي حالت ۾
پرن کي ڦڙ ڦڙائڻ ڪيترو نہ سڀاويڪ آهي!
پر مون اُها سگهہ وڃائي ڇڏي آهي
مان 'سيپيہ' آهيان.

## ٦١

ڪيڏا نه سور پاليان ٿو
دنيا جي دک سان چهري کي سينگاريان ٿو
اندر جو آئينو مون سرن درياه ڪري ڇڏيو آهي
ان جڳهه تي هڪ طوفاني گهوڙي کي وهاري ڇڏيو آهي
مان اسرندڙ 'ليڊر' آهيان.

## ٦٢

ڊرو ڏاچاريه اڪلويه ڪان
صرف آڱوٺو ئي نه ورتو!
* ڏسڻي رهجي ويئي
جا
سيپيتا جي ضمانت آهي!
* ڏسڻي جا پستول جو گهوڙو دٻائي سگهي ٿي
ڏسڻي جا ٿو مون ۽ هن ڏانهن اشارو ڪري
ويچو سمجهائي سگهي ٿي
ڏسڻي جا راهه ڏسي سگهي ٿي ۽ راهون الڳ ڪري
ڏيکاري ٿي.
ڏسڻي جا Accuse ڪري سگهي ٿي.
ڏسڻي جهڙي ڪي لڙو ڪري ڪنهن ڪڍي سگهجي ٿو.
ڏسڻي ... ... ... ...

٦٣

روز اُن ڪلاڪ مان نؤڪر آهيان
منهنجي ڪابه هستي نه هوندي آهي.
اُن ڪلاڪ مان هڪ روبوٽ مثل آهيان.
پر انن ڪلاڪن بعد
مان وامن جي وراٽ روپ کان بہ قداور آهيان.
سج جي گرم پاڻيات پي
خالي پيالو - آسمان جي ٽاڪ تي رکي ڇڏيندو آهيان
ٽڏهن 'صبوح' ٿيندو آهي.

٦٤

منهنجي سواسن جي زنجير
آسمان کي جڪڙي رکيو
منهنجي هٿ جي ريکائن ۾
سڀ گرهه قيد آهن
اهو سڀ منهنجو ڀرم ئي ته هو
جيستائين
مون ڏٺو ته هڪ گل جي
پنکڙيءَ تي پيل قطري اندر
سڄو آسمان سمايل آهي.

مان سقراط
مان عيسيٰ
مان منصور
هر مقتل ۾
جو سر ڪٽيو آ
منهنجو آ
هر جنگ ۾
جو لهو وهيو آ
منهنجو آ
سچ ۽ حق جو آواز
جنهن زبان اُتاريو آ
اها منهنجي آ
مان هر يگ ۾ ماريو ويو آهيان
ها
مان
هن ڌرتيءَ جو گاهه آهيان
جو هر آمر
جي پيرن هيٺان
اڀري ايندو آهي.

# ٦٦

اسان جون نديون قوم جو شان آهن.
اسان کي مائرن وانگر پاڻي ڏيئي
پالين ٿيون.
نديون خراب ڪرڻ اتياچار آهي.
اهو ظلم بند ڪريو.
وڻ، ٽڻ پيلا اسان وانگر جيو آهن.
وڻ وڍڻ خون ڪرڻ جي برابر آهي.
وڻن کي نه وڍيو، وڻن کي ڀاڪر پائي پيار جتايو.
ظلم بند ڪريو.
جڳهه جڳهه ڪار جا نعرا بلند ٿي ويا.
اسان کي جانورن جي حفاظت ڪرڻ کپي.
ڪيترا جانور هن زمين تان هميشه لاءِ غائب ٿي رهيا آهن.
جانورن کي بچايو.
جانورن سان ظلم بند ڪريو.
انهوءَ ليڊر کي ڪلهن تي کنيو.
هون چيو.
"انسان جو انسان مٿان ظلم بند ڪريو."
سڀني رڙ ڪئي.
"بڪواس بند ڪر."

ھيءَ ڪنھنجي چال
ڪنھنجو منصوبو آھي؟
منھنجي اڱڻ ۾
نفرت سان Seed ڪيل ٻادلن مان
ٻرسات وسي آھي
منھنجي اُي گھر جي ٿنڀن جي وٿين
درين ۽ دروازن جي ڀرسان اھي زھري ٻوٽا ايري رھيا آھن
ساھ کڻڻ سان
منھنجو روشن روح ڪارائجي رھيو آھي
منھنجي ٿتل ۽ ڪمزور سواسن کي
ٿنڀيا ٻڌائي
پنھنجي وجود کي پُل جيان انھن ٿنڀن مٿان پکيڙي ڇڏيو آھي.
پُل جا نہ ڪٿان اچي ٿي نہ اُي ڪٿي وڃي ٿي.
جنھن کي ڪوبہ رخ نہ آھي
ٿنڀن جي گھرائيءَ ڏانھن نظر ترڪندي
فاصلا طئہ ڪندي ٿي وڃي
وڃي ٿي...
الا! ھاڻي تہ ڪٿي ڌرتي بہ ڪانھي
(منھنجي ڌرتي پڻ ڪسيءَ قبائي ويٺي آھي)
ٻر منھنجي زبان چلائي ٿي ۽ آواز آھي.
مان آھيان - مان آھيان - مان آھيان -

(آگسٽ ١٩٩ع ڌاري لينڊن جي ابٽلي کي
ماسڪو ڀرسان ھمٿ ڪريل ڏسي رد عمل)

## ٦٨

ڪي لفظ ٻر زبان ڪيا اٿم
سوني ڌرتي - آزادي
هڪ جهڙائي امن پيار!
خوابن جا رنگ، ڪنهن
ڦيڪو رنگ، واري ڪپڙي جيان
جهڪا ٿي ويا آهن
لفظ ڪوٽن سڪن وانگر
هر هر ڦٽا ڪيا ويا آهن
ٻر مان پاڳل
اهي لفظ ۽ خواب
زندگيءَ ٻر جي ڪمايل موڙي مڃي
ڏينهن رات ڪنهن موذيءَ جيان
سنڀال ٻهو ڪريان
آئينده جي امانت سمجهي.

٦٩

رستو پڻ ڄڻ رڻ ۾ رلي ويو هو،
ساڄي کاٻي
هر طرف واري ۽ بيابان
گاڏي تيز رفتار سان ڄڻ اياس تائين هلندي رهي
آخر
هڪ ڳچ، ڪاٺي ۽ سيمينٽ جي
هڪ جهنگل
جنهن کي پنج ستاري هوٽل پٺي چيائون پهتاسين
اوچتو ئي مندائتو
ڄڻ بهار جو جهونڪو آيو
ڪنهن سڪول جا ٻار گاڏيءَ مان لهي گلن وانگر هوٽل جي
لاٻيءَ ۾ پکڙجي ويا
ٽهڪڙن جي ڦوهارن جي وچ ۾
ايڪسيليٽر تي مٿي چڙهندا ويا
پر هڪ ٻار
هيٺ لهندڙ ايڪسيليٽر مان مٿي چڙهڻ جي
ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هو
سندس چهري تي اڪيل هو
'اميد'.

۷۰

وقت
ڪنهن گونگي جي دانهن جيان
رڙهي رهيو آهي
ڪنهن
نابين جي من ۾ لڪل
رنگن جي احساس جيان
ڇُري رهيو آهي
۽
من
ڪنهن گردش ۾ قاتل
ٽاري جيان
خود ۾ رُلي رهيو آهي.

٧١

ڪالهه صبوح
ڪنهن اڙٻنگ ۽ نڌر ٻار جيان
سڄو
دڙ ۾ پيريل هو
اڄ پڻ
صبوح
ڪوهيڙي جي چادر پائي
ڪنهن معصوم ٻار جيان
'هائي هاٽ' ڪري رهيو آهي.
پر منجهند
سدائين گرم رهندي آهي
۽ شام
اداس.

## ٧٣

گل خوشبو ڇڏي ويا
رنگ رنگت ڇڏي ويا
خواب ايمان ڇڏي ويا
ستارا روشني جهلي بيهي رهيا
آسمان جو ساهه بہ مٿ ۾ هو
ان گهڙي تائين
جيستائين مون پنهنجي من ۾
شڪ کي جڳهہ ڏني هئي.

٧٣

امان ڄاڻ توکي ٻڌايان ته آسمان
جا تارا ڪيئن ٿيا؟
توکي ياد آهي ته تنهن ڏينهن تو
ٻلوءَ کي فيڊر پئي ڏنو
هن فيڊر ڪڍي ڪيو ”ڦوُ...“
۽ تنهنجو منهن کير جي ڇنڊن سان ڀرجي ويو هو.

۷۴

ٽوٻو آهيان
پاتار ۾ وڃي
سڄي ڄمار موتي ميڙيا اٿم
اڄ تنهنجي نهار ۾ مون کجهه ڏٺو
۽ ائين محسوس ٿيو
سڄي عمر پٿر ڍوئي رهيو هوس.

٧٥

ڀوپٽ پڪڙيندي
سندن ڪنين جا رنگ
آڱرين تي چنبڙي ويا
۽ جڏهن مون قلم ڪنيو
ته اهي رنگ ڪاغذن تي
ترڪڻ لاءِ بيتاب ٿي پيا.

مون ٽي. ويءَ تي هڪ نظارو ڏٺو
هڪ ٻار کي
باغيچي ۾ راند ڪندي
پنهنجي ٻاڇي جو
پهريون دفعو احساس ٿيو.
پيرن ۾ جڻ ڪجهه زنجير جيان اٽڪي پيو هوس
ٻپ وچان ٻوڙ پاتائين
پر
ٻاڇو اتي جو اتي
لتون هڻي ساڻس جنگ جوٽي ڪيس
ڀري ڏڪڻ جي ڪوشش ڪيائين
پر ٻاڇو جڻ پيرن سان چنبڙيل
آخر گسڪڻ ڏانهن ڀڄو
شيخن واري ڏاڪڻ تي ٻيهي ڏنائين
هيٺ ٻاڇي تي شيخون ڇانئجي ويون هيون.
ٻاڇو ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو هو
ءِ ٻار جي چهري تي ڀرپور سوڀ جي مرڪ هئي!

...موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتائن ۾ تصوير ڪشي ڏسي اِها ڳالهه عجب تي ڏياري ٿي ته هي شخص هيترا سال پنهنجو ڪوي من دٻائي / لڪائي ڪيئن رکي سگهيو. موهن کي جيڪي شخص سڃاڻن سي هن کي مفڪر طور ڄاڻيندا، جو صرف گنڀير (۽ خشڪ) سوچ جا ٽڪرا پيش ڪرڻ جو عادي آهي، جنهن جو رواجي ڳالهه ڪندي به چهرو گنڀير ۽ سخت هوندو آهي. پر هنجي تصوير ڪشيءَ جي نزاڪت ڪنهن حساس ڪويءَ جو زوردار احساس ٿي ڪرائي.

...”پوپٽ پڪڙيندي“ ۾ سچ پچ پوپٽ پڪڙيندي، پوپٽن جي پرن مان آڱرين تي لهي آيل رنگن جون ڪوتائون آهن. ۽ موهن جا صرفي وارا لفظ اُنهن رنگن کي ڪوتائي صورت ڏيندي پنهنجي معنيٰ کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ چون ٿا.

- واسديو موهي